



جيون جهلڪ

# باک ڦُٽي ٿي

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

SRSO

سرسو

# باک ڦُٽي ٿي

(ڪيس اسٽيڊيز)

سهيڙيندڙ

بخت ابڙو

سرسو

SRSO

جيون جهلڪ

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| پهريون ڇاپو | ڊسمبر 2011 |
| ايڊيٽر | سيده نازيہ شاهہ |
| نظرثاني | سجاد احمد |
| | نثار احمد پٺاڻ |
| | زبير سومرو |
| لي آئوٽ ڊزائين ۽ ڪمپوزنگ | بخت علي |

ڇپائيندڙ:
**مانيٽرنگ اويليوئيشن ۽ ريسرچ يونٽ**
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن، هيڊ آفيس سکر.
فون : 071-5633516 فيڪس: 071-5631791
www.srso.org.pk

هاري هليا هَر ڪٽي

ڪيت ڪيڙيندا

ايٽَ جوڙيندا

گهُور انداري مان اِجها

جان ڇُٽي تي

رات ڪٽي تي

الا! باک ڦٽي تي ...

# ارپنا

سرسو جي اُنهن
هڏ ڏوکي، جاکوڙي ۽
جفاڪش ساٿين جي نانءِ !
جن جي اکين ۾
غريب ماروئڙن جي تقدير بدلائڻ
جا سپنا آهن
۽ جن جي ساپيا لاءِ
اُهي ڪاهوڙي ڏينهن رات
پاڻ پتوڙي رهيا آهن.

# ترتيب


| | |
|---|---|
| ٻه اکر | 06 |
| اميد جو ڪرڻو | 08 |
| هنر بادشاهه آهي | 10 |
| سُمل سياڻي | 12 |
| هنر لاءِ قرض جي سهولت | 14 |
| ڪاميابيءَ جي جيون ڪٿا | 16 |
| ڦڙي ڦڙي آبپاشي واري ڪِٽ ذريعي آمدني ۾ اضافو | 20 |
| ساييان ٿيندڙ خواب | 23 |
| ڏيئي مثل | 25 |
| نيٺ سوجهرو ٿيو | 29 |

## پہ اکر

جديد دور جي ترقيءَ واري گوءِ ۾، جتي گلوبلائيزيشن ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي، انفرميشن سپر هاءِ وي، آرٽيفيشل انٽيليجنس ۽ سوشل ميڊيا جهڙا اصطلاح جيڪي اسان وٽ اڄ اڻ ڳُڌل ۽ نوان آهن. سڌريل ملڪن ۾ ترقي ڪري رهيا آهن، اهڙي صورتحال ٽئين دنيا جي رهواسين جي حيثيت ۾ اسان جو ادارو ڏينهن رات ”ڪرڪٽا لاهي سکي نہ سُتا ڪڏهن“ واري مصداق تي عمل ڪندي، پنهنجي جاکوڙ ۾ مگن آهي.

سرسو ۾ اها سگهہ ۽ جذبو آهي جنهن سان سنڌ جي ٻهراڙين جي ماڻهن جي زندگين ۾ انقلابي تبديليون پيدا ڪري سگهجن ٿيون. اهو هڪ تمام وڏو بحث آهي تہ خود اداري اندر ويٺل ماڻهن کي ان ڳالهہ جو اندازو ئي ناهي هوندو تہ هو جنهن مخصوص وقت ۾ جيڪو ڪم ڪري رهيا آهن ان جا دُور رس اثر ۽ بامقصد نتيجا ڪهڙا نڪرندا، اهو ئي سبب آهي تہ ادارن اندر اهڙا تمام گهٽ ماڻهو هوندا آهن جيڪي ٿيندڙ ڪم جي وسعتن کي گهرائيءَ سان سمجهندي پنهنجي مڪمل سچائي ۽ ڪمٽمينٽ سان پنهنجي مقصد سان چهٽيا پيا هوندا آهن.

خبر ناهي ڪنهنجو پر مونکي هڪ قول ٿو ياد اچي: "انڌو اهو ناهي جنهن کي اکيون ناهن پر انڌو اهو آهي جنهن وٽ جيئڻ جا مقصد ناهن." اسان مان ماڻهن جي اڪثريت هن جديد ترين، سجاڳيءَ ۽ ڪميونيڪشن واري دور ۾ بلڪل عام رواجي زندگي گذاري رهي آهي. صبح جو اٿڻ، ڪم ڪار ڪرڻ، شام جو گهر اچڻ، سنگت سان حال احوال ڪرڻ، موبائيل ۽ ٽي وي تي مصروف رهڻ ۽ سمهي پوڻ، وري ٻئي ڏينهن تي چاڪيءَ جي ڏاند واري ساڳي ڪرت. پر جڏهن ڪو فرد يا ماڻهو ڪنهن مقصد سان سلهاڙجي ٿو ۽ اهو يا اهي مقصد سندس ذهن جو حصو بڻجن ٿا تہ پوءِ اهو فرد سراپا جستجو بڻجي پوي ٿو ۽ ان جو روح ان کي ڪڏهن بہ ٽڪجڻ ناهي ڏيندو. مان سمجهان ٿو تہ اهڙي سچائي ۽ ڪمٽمينٽ سنڌ اندر موجود ڊويلپمينٽ سيڪٽر ۾ تمام گهٽ آهي ۽ اهو ئي سبب آهي تہ اسان جا ادارا اهي گهربل نتيجا ناهن ڏئي سگهيا جن سان سماج اندر دائمي بنيادي تبديليون اينديون آهن. پر ان جي باوجود بہ اهي فرد جيڪي ادارن اندر پنهنجي سچائيءَ سان لڳا پيا هوندا آهن تن جي محنتن ۽ ڪاوشن جو ئي اهو نتيجو هوندو آهي جو فردن جون زندگيون ڪي بامقصد ڪاميابيون ماڻينديون آهن. اهڙين ئي بامقصد ڪاميابيون ماڻيندڙ فردن جون ڪجهہ ڪهاڻيون جيڪي پڙهي محسوس ٿيندو آهي تہ:

اجان رڃ مان رڙ اچي ٿي، اچي ٿي،
متان ائين سمجهين، مئا مور سارا !

جڏهن سرسو جي طرفان سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ٿيندڙ پيش قدمين جا آئت ڀريا نتيجا آڏو اچن ٿا تہ دل باغ بهار ٿي ٿئي ۽ ائين ٿو ڀانئجي تہ شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، لاڙڪاڻو، سکر، گهوٽڪي، نوشهروفيروز يا جن جن جڳهن تي سرسو پنهنجا قدم رکي ٿي اتي ڪاميابين جا ڪي ڪنول ڦٽي نڪرن ٿا تہ ان سان سينوارجي ويل سموري سماج ۾ زندگي سان ڀرپور خوبصورتي جي ڪَرُ ڪئي اٿڻ جي خوشي ناقابلِ بيان آهي.

اُئين ٿو ڀانئجي ته مائي الله ڏني، مسمات راحب، مسمات زاهده، سُمل، انور خاتون، رشيده يا شاهده بيگم جا ڪردار هڪ اهڙي نئين سنڌ جا آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي گهرن ۽ ڳوٺن اندر ننڍڙا ننڍڙا ڪم ڪري وڏين وڏين تبديلن جا بنياد رکي رهيون آهن.

سرسو ۽ سنڌ گورنمينٽ هاڻ جڏهن ان ڳالهه کي سمجهي ورتو آهي ته عورتون مردن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ نتيجا ڏين ٿيون ۽ سندن جي ڪاميابي اڻ ٽر آهي ته پوءِ جس آهي کين جو انهن اهڙا پراجيڪٽ سنڌ جي ڀهراڙين ۾ متعارف ڪرايا آهن جن جون ڪيس اسٽڊيز پڙهندي مونکي شدت سان محسوس ٿي رهيو آهي ته سنڌ جي جهنگ جهر، واهڻ وستي، نگر نگر ۽ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪشمور کان ڪارونجهر تائين ۽ ڪيٽي بندر کان ڪراچي تائين ڀٽائيءَ جون سورميون جاڳي پيون آهن. مونکي محسوس ٿي رهيو آهي ته نوري، سهڻي، سسئي، مومل، ليلا، سورٺ ۽ مارئي جا ڪردار جاڳي پيا آهن ۽ اسانجون ڀينرون مائرون ٻي جا، گٺل قتل ۽ رد ٿيل سماجي ريتن ۽ رسمن جا ڳٽ ڳچي مان لاهي ڦٽا ڪيا آهن ۽ پنهنجي جرئت ۽ همٿ سان اهو ڪجهه ڪري ڏيکارين پيون جن جي ڪري انهن جي عزت، مانُ ۽ مرتبو نه صرف سندن پنهنجي مردن، گهر جي ڀاتين، ڳوٺن ۽ علائقن پر سڄي سنڌ ۾ مٿانهون ۽ تمام گهڻو مٿانهون پيو ٿيندو وڃي.

سموريون ڪيس اسٽڊيز تمام گهڻيون اتساهيندڙ آهن پر جيڪا ڪجهه سالن تي مشتمل جيون ڪٿا شاهده بيگم جي آهي سا اسان سمورن لاءِ قابلِ فخر آهي ته هڪ ننڍڙي ڳوٺ منڊو ديرو جي رهواسڻ عورت ڪيئن پنهنجي مڙس جي همٿ ۽ ساٿ سان اٿي ڪنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ جٽجي وڃي ٿي ته پوءِ هوءِ آسمان تي اڏامندي ۽ پنهنجا پير پنهنجي ڌرتيءَ ۾ مظبوطيءَ سان کوڙي رکي ٿي ۽ اڄ اها فخر سان چئي سگهي ٿي ته اها پاڻ ته نائين درجي جا امتحان ڏئي چڪي آهي پر ان جي اولاد هاءِ اسڪول ۾ ٿي پڙهي. سلام آهي اهڙن جذبن کي، سلام آهي سنڌ جي اهڙين سمورين عورتن ۽ مڙسن کي جيڪي پنهنجي ونين تي اعتبار ڪن ٿا ۽ انهن کي جيئڻ ۽ ساهه کڻڻ لاءِ دنيا جون دريون ۽ در کولي ڏين ٿا. سلام آهي انهن مائرن، ڀينرن ۽ ڀائرن کي جيڪي هاڻ وقت جي نزاڪتن کي سمجهندي ڪُڌين رسمن کان گهڻا مٿاهان ٿي عزت ۽ احترام سان اعتبار ڪندي اڳتي وڌڻ ۽ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ لاءِ ساٿاري بڻجن ٿا ۽ سلام آهي سرسو جهڙي اداري کي جيڪو سنڌ جي تباهه حال صورتحال ۾ اڳتي وڌڻ، مڙس ماڻهو ٿي جيئڻ ۽ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي لاءِ ميدان ملهايون بيٺو آهي، جيئن ڀٽائي صاحب جو شعر آهي:

ڪرڪنا لاهي، سُک نه سُتا ڪڏهن،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو!
"شاهه"

ڊاڪٽر سونو کنگهراڻي

# 1

# اميد جو ڪرڻو



سرسو جو بنيادي مقصد ڳوٺاڻن کي منظم ڪرڻ ۽ انهن جي صلاحيتن کي اُجاگر ڪري وڌيڪ بهتر نموني سان استعمال ڪرڻ آهي. ان سلسلي ۾ سرسو شراڪتي ترقيءَ جي بنيادي فلسفي ذريعي ماڻهن کي اڳتي آڻڻ سان گڏوگڏ انهن جي ترقي جي راهہ ۾ آيل رڪاوٽن کي هٽائڻ ۾ مدد ڪري ٿي. هيءَ ڪهاڻي هڪ اهڙي غريب عورت جي آهي، جنهن پنهنجي هنري صلاحيتن کي استعمال ڪندي تمام وڏو ڪم ڪيو آهي ۽ پنهنجي گهر جي آمدني ۾ ڪافي اضافو ڪيو آهي.

مسمات راحبہ جو تعلق ڳوٺ محمد شعيب رند، يونين ڪائونسل شادي شهيد ضلع خيرپور سان آهي. 5 ننڍڙن ٻارن جي امڙ راحبہ جو مڙس ڳوٺ ۾ رات جو چوڪيداري ۽ ڏينهن جو هارپو ڪندو آهي، جنهن مان هن جي گهر جو چرخو مشڪل سان هلي رهيو هو. مسمات راحبہ پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي گهر کي غربت جي چنبي مان آجو ڪرائڻ ۽ گهر جي آمدني وڌائڻ لاءِ ڪجهہ ڪرڻ پئي چاهيو. انهيءَ حوالي سان هن پنهجو پاڻ کي تنظيمي سجاڳيءَ واري عمل سان واڳيو ۽ راحبہ ڳوٺاڻي ترقياتي تنظيم "صاحبہ" ۾ شموليت اختيار ڪئي. انهيءَ دوران 2010ع ۾ سرسو انٽرپرائيز پاران ڪجيءَ جي پَنَ مان ٺهندڙ ڇَلين جي سکيا جو پروگرام ترتيب ڏنو. تنظيم جي پليٽ فارم تان راحبہ اها تربيت حاصل ڪئي. راحبہ پنهنجي ڪاروباري سفر جو آغاز تہ انهيءَ ڏينهن ئي ڪري ڇڏيو هو. جنهن ڏينهن هُن کي سرسو اداري ڏهہ روزه ماسٽر ٽريننگ پروگرام لاءِ چونڊيو هُيو.

اڄ راحبہ تنظيم ڪاري ۽ ڪاروباري رابطہ ڪاريءَ ۾ پنهنجي هنرمند عورتن جي اڳواڻيءَ ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. اڄ راحبہ نہ صرف پاڻ سٺي آمدنيءَ جا ذريعا ڪتب آڻي رهي آهي، بلڪ ڳوٺ ۾ پاڻ جهڙين غريب ۽ بيوس 47 ساٿياڻين کي هن هنر جي سکيا ڏياري ۽ پڻ وڌيڪ فني ۽ هنري سهائتا پڻ

مهيا ڪري رهي آهي. ضلعي حڪومت خيرپور، آءِ.آر.سي ۽ سرسو پاران ملندڙ چِلين جي آرڊر کي راحب ڏاڍي سهڻي نموني وقت سر پورو ڪيو آهي. راحب جي بهترين ڪم کي ڏسندي آءِ.آر.سي پاران کيس ماسٽر ٽرينر جي آڇ پڻ ڪئي وئي. راحب هن وقت 3 کان 4 هزار روپيه ماهوار چلين جي ڪاروبار مان ڪمائي رهي آهي. راحب جي تخليقي صلاحيتن ۽ ڪم جي جستجو کي ڏسندي "آهن" اداري پاران اسلام آباد ۾ ٿيندڙ بين الاقوامي سطح جي هنري نمائشي پروگرام ۾ شموليت لاءِ کيس پڻ منتخب ڪيو ويو آهي. هينئر راحب تمام گهڻي خوش آهي، هن جي گهريلو آمدني ۾ پڻ اضافو ٿيو آهي. گڏوگڏ راحب کي اها پڻ اُتڻ رهندي آهي ته پنهنجي ڳوٺ جي غريب عورتن کي مختلف سکيائون ڏياريان ته جيئن هو به ڪنهنجي آڏو هٿ نه ڦهلائين ۽ پنهنجي محنت ڪري ڪمائين ۽ سماج اندر هڪ عزت ڀريو مقام حاصل ڪن.

راحب هڪ روشن مثال آهي نه صرف پنهنجي ڳوٺ محمد شعيب رند جي رهواسي عورتن ۽ مردن لاءِ پر هر ان فرد لاءِ جيڪو حالتن هٿان مجبور ٿي ڪنڌ جهڪائي جيئڻ جهڙي نيچ راه تي هلي ٿو. راحب مثال آهي ڪنڌ کڻي فخر سان جيئڻ جو ۽ هوءَ جُستجو جو هڪ اهڙو ڏيئو آهي جيڪو هوا جي لهرن ۾ لُڏيو ضرور آهي پر سندس ڏيئي منجهان ڏيئو روشن ڪرڻ جي صلاحيتن اڃان وڌيڪ زور ورتو آهي. راحب چوي ٿي: "سرسو جي پروگرام مان خاص ڪري غريب عورتن کي گهر کان ٻاهر نڪرڻ، فيصلي سازيءَ ۾ حصو وٺڻ ۽ مالڪيءَ جا موقعا مليا آهن. اهڙي قسم جي سرگرمين سان روزگار جا موقعا پيدا ٿين ٿا ۽ اهڙا پروگرام اسان جي غربيءَ کي گهٽائڻ ۾ اسان جي مدد ۽ رهنمائي ڪن ٿا ۽ اسانکي جيئڻ جي جستجو سان همڪنار ڪن ٿا."



# 2

## هنر بادشاهه آهي

چيني چوندا آهن ته: ”ڪنهن کي روزانه مڇي ڦاسائي ڏيڻ کان بهتر آهي ته ان کي مڇي ڦاسائڻ سيکارجي ته جيئن هو ڪنهنجو محتاج رهڻ کان بغير ئي پنهنجي ڪاڌي جو انتظام پاڻ ڪري سگهي.“

پاڪستان اندر خصوصاً سنڌ ۾ هڪ نه ختم ٿيڻ واري بي روزگاريءَ جي لهر نوجوانن ۾ مايوسي پيدا ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ته ٻئي طرف غربت ۾ ڦاٿل نوجوان پنهنجي خاندان لاءِ ڪجهه ڪرڻ چاهين ٿا ۽ انهن جو سهارو بڻجڻ چاهين ٿا. جيڪو اهڙي صورت حال ۾ انهن لاءِ مشڪل ته آهي پر ناممڪن ناهي. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) اهڙين تنظيمن مان هڪ آهي جيڪا ڏتڙيل، مايوس، بي پهچ ماڻهن جي زندگين کي اقتصادي ۽ سماجي طور تي پاڻ پرو ڪري انهن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ، انهن جي ذهني اوسر ڪري انهن کي ڪارائتو بڻائڻ ۾ ڪوشان آهي، ته جيئن اهي غربت جي ان ڏهڻ مان نڪري بهتر زندگي گذاري سگهن.

داد محمد چانڊيو ڳوٺ سهراب چانڊيو سان تعلق رکي ٿو. هي ڳوٺ سرسو قمبر آفيس کان پنج ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي واقع آهي. 25 گهرن تي مشتمل هن ڳوٺ جي ماڻهن جو گذران ٻني ٻاري تي آهي. تعليم ۽ صحت جون سهولتون نه هجڻ جي برابر آهن. داد محمد چانڊيو ارڙهن (18) گهر ڀاتين جي واحد ڪفالت ڪندڙ آهي ۽ غريب خاندان سان تعلق رکندڙ هي نوجوان پنهنجي پوڙهي پيءُ سان گڏجي زمين ۾ ڪم ڪار ڪندو آهي. هي نوجوان سخت محنت ڪرڻ جي باوجود به گهر ڀاتين جون بنيادي گهرجون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو.
سندس گهر واري مسمات زاهده کي تنظيمي جاڳرتا جي عمل سان منسلڪ ڪيو ويو ته جيئن ڪين غربت جي ڏهڻ مان ٻاهر ڪڍي سگهجي.





انهيءَ سلسلي ۾ مسمات زاهده ڳوٺاڻي ترقياتي تنظيم ڪومل ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ پوءِ زاهده پنهنجي گهر واري داد محمد کي تنظيم جي پليٽ فارم تان تنظيمي ميمبرن سان صلاح مشوري ڪانپوءِ ڪيس تربيت ڏيارڻ واسطي اداري کي هڪ قرارداد لکي ڏني، مسمات زاهده جي قرارداد اداري جلد منظور ڪئي ۽ داد محمد کي موبائيل فون ٺاهڻ جي سکيا ڏياري. داد محمد موبائيل ريپئرنگ جي سکيا وٺي پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو ۽ پنهنجي ئي هڪ غريب مائٽ سان گڏجي قمبر جي مارڪيٽ ۾ "آڪاش موبائيل ڪميونيڪيشن" جي نالي سان دوڪان کوليو، جنهن جي ڪل لاڳت 60,000 هزار روپيه ھُئي، داد محمد ڪجهه پنهنجي موڙي ۽ ڪجهه مٽن مائٽن کان اوڌر تي پئسه ورتا ۽ اهڙي طرح پنهنجي ذاتي ڪاروبار جي شروعات ڪئي. داد محمد جو چوڻ آهي ته: " مان هن وقت 300 کان 400 روپيه ڏهاڙي ڪمائي وٺندو آهيان جيڪي ماهوار 10,000 کان 12,000 ٿين ٿا ۽ هاڻ منهنجي گهر جو گذرسفر پهريان کان ڪافي بهتر هلي رهيو آهي. روزانه جي آمدني مان آهسته آهسته قرض به واپس ڪري رهيو آهيان."

**داد محمد چوي ٿو ته:** "منهنجي نوجوانن کي گذارش آهي ته جيڪڏهن سرڪاري نوڪريون نه ٿيون ملن ته پوءِ اسانکي سرسو جهڙن ادارن جو ڀرپور فائدو حاصل ڪندي مختلف هنر سکڻ گهرجن، ڇو ته هنر بادشاهه آهي جنهن سان ماڻهو ڪڏهن به بک نه ٿو مري، منهنجو مثال اوهان جي سامهون آهي. آءُ به پهريان زندگي ۽ معاشي حالتن جي ابتري مان مايوس رهندو هوس، ته الائي ڇا ٿيندو اسان جي غربت ڪڏهن ختم ٿيندي. پر آءُ شڪرگذار آهيان پهريان پنهنجي زال جو جنهن مون کي همٿ ڏياري ۽ تربيت لاءِ همٿايو. ان ڪانپوءِ سرسو اداري جو ته آءُ بيحد شڪرگذار آهيان، جنهن جي بدولت اڄ اسان جون معاشي حالتون بهتر ٿيون آهن. مستقبل ۾ آءُ پنهنجي ٻارن ۽ ٻائرن کي تعليم ڏيارڻ جو پختو ارادو رکان ٿو. جيڪڏهن انسان محنت ڪري ته ڪجهه به ناممڪن ناهي."



# 3

## سُمل سياڻي

مسمات سُمل جي شادي سندس ڳوٺ ۾ رهندڙ مائٽ روشن مغيري سان ٿي. سندس ڳوٺ جو نالو سندن ڳوٺ جي هڪ نيڪ مرد الله وسايو مغيري جي نالي پويان آهي. هي ڳوٺ جُهڪر جي دڙي، جيڪو گهڻائي ايام اڳ ڪنهن زلزلي يا ڏيڻ وگهي ڊٺي ويو هيو، هينئر مورڳو سندس ماڳ، دڙي جي صورت ۾ اجان موجود آهن، سو خيرپور جوسو تعلقي لاڙڪاڻي ۾ واقع آهي. سُمل نندي هوندي کان چست ۽ چالاڪ هئي، ڪيس پڙهڻ جو موقعو ته ڪونه مليس، پر پنهنجن حقن کان پلي پت واقف هئي. سُمل ۾ قائدانه صلاحيتن جي کوٽ نه هئي ئي نه. ڳوٺ الله وسايو مغيري جي مڙني عورتن جي سرواڻي ڪندي ڪين لاڙڪاڻي شهر تائين علاج معالجو هجي يا ڪنهن آفيس يا ڪاموري ۾ ڪم پئي ته عورتن ۽ مردن جي ٽولي سوڌو آفيسر جي ڪمري ۾ ڪاهي پوندي آهي ۽ زوري به ڪانئس حق وٺيو سيني جي داد رسي پئي ڪندي آهي. روينيو آفيس ۾ DCO لاڙڪاڻي کان پاڻ به زمين الاٽ ڪرايائين ته اوڙي پاڙي جي مڙني ڳوٺن جي عورتن جي اڳواڻي ڪندي ڪين به ڪليل ڪچهرين ۾ وٺي ويندي رهي. سنڌ سرڪار جڏهن سنڌ جي 17 ضلعن ۾ بي زمين هارياڻين ۾ مفت زمين پئي ورهائي تنهن پروگرام تائين پاڻ رسائي حاصل ڪري زمين حاصل ڪيائين.



سرسو سَٽَ جڏهن سندس ڳوٺ ۾ بي زمين هارياڻين تي فلم ٺاهڻ پهتو ته. مائي سُمل کين پليڪار ڪندي چيو: "پهريان مان غريب هيم، پوءِ سيني عورتن سان ڪچهريون ڪندي کين هنر سکڻ لاءِ همٿائيندي رهندي هيم. جيتوڻيڪ ڪوڙ ساريون مشڪلاتون سامهون آيون پر اسان همٿ نه هاري ۽ هر مشڪل کي منهن ڏنوسين ۽ پهچ آهر سرڪار سان ملي جلي ڪري پنهنجي ڳوٺ جا مسئلا حل ڪرائيندا رهياسين. بعد ۾ سرسو وارا آيا تن اسان جي (Community Organization) ٺاهي جنهن جو نالو "الله وسايو مغيري" رکيوسي. آءُ ان تنظيم جي اڳواڻ آهيان. سرسو وارن اسان کي ٻج، ڀاڻ ۽ دوائون ڏنيون. اسان سندن مشوري سان ٻنيون آباد ڪيوسين. هينئر منهنجي سارين جي اپت 215 مڻ ٿي آهي. مان ان ٿيل آمدن مان رليون ٺاهڻ جو سينٽر کوليو آهي. هاڻي منهنجي زندگي ۾ غريبي ڪانهي، ٻيون عورتون به منهنجي ڪيل ڪمن مان سکندي منهنجي جوڙيل واٽ تي هلندي غربت ختم ڪرڻ لاءِ جاکوڙين ٿيون. مان انهن جي رهنمائي ڪندي ٻنهه کو نه ٿي ٿڪجان، اهڙو ڪم ڪندي مون کي دلي ۽ روحاني خوشي ملي ٿي. مان عورتن کي سرسو وارن کان ننڍا ننڍا قرض ڪٽائي ڏنا آهن، جن مان اسان جي عورتن ڪاروبار شروع ڪيا آهن ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت پنهنجي زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ جاکوڙي رهيون آهن. هاڻي ته انهن عورتن جي سندن گهر ۾ مرد به عزت ڪن ٿا، اولاد به ڀانئين ٿو ته اوڙو پاڙو به کين عزت جي نگاهه سان ڏسي ٿو. مان مايوسيءَ جي کُنَ ۾ ڦاٿل پنهنجي ڀينرن جي هر طرح جي مدد ڪندي سُرهي محسوس ڪندي آهيان. کين همٿ ۽ اتساهه ڏياريندي آهيان ۽ هو به مون کي وڏيري وڏيري ڪري سڏين ٿيون. اسان پنهنجي سچائي ۽ محنت سان اهو ثابت ڪيو آهي ته معاشري ۾ مرد جي ڀيٽ ۾ عورت به بهتر ڪم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي ۽ جي اسان جي سماج جي مردن اسان جو ڀرپور ساٿ ڏنو ته پوءِ پڪ سان ٿي چوان ته ڪنهن به گهر ۾ اهڙو ڏينهن نه ايندو جو اتي مانيءَ جي چُلهه نه دُکي."



# 4

# هنر لاءِ قرض جي سهولت

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن شهري آبادين لاءِ هنري قرض جو پروگرام (Urban Credit Programme) شهري آبادين ۾ رهندڙ غريب ۽ بي پهچ عورتن جي معياري زندگي کي بهتر بنائڻ لاءِ شروع ڪيو آهي. اها ڳالهه بلڪل صحيح ۽ چٽي آهي ته عورتن ۾ پنهنجي گهرو حالتن کي بهتر بڻائڻ جون صلاحيتون مردن کان ڪجهه سرس موجود هونديون آهن، ضرورت صرف ان ڳالهه جي آهي ته انهن صلاحيتن کي اهڙي طرح اجاگر ڪيو وڃي ته جيئن هو پنهنجي مدد پاڻ واري اصول تحت پنهنجي زندگيءَ کي بهتر بڻائن ته جيئن سندن گهر جي آمدنيءَ ۾ وڏيڪ اضافو ٿي سگهي ۽ هو هڪ خوشحال زندگي گذاري سگهن. هي پروگرام ضلع شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي جي نئون ديرو ۽ رتوديرو شهرن کان شروعات ڪندي هن وقت سرسو جتي جتي ڪم ڪري پيو، شروع ٿي چُڪو آهي. هنري قرض جي پروگرام شروع ڪرڻ جو خاص مقصد شهر جي انهن غريب عورتن کي گهٽ وياج تي قرض ڏئي ڪري پنهنجي پيرن تي بيهارڻ آهي. انهيءَ حوالي سان هڪ ڪيس اسٽڊي اوهان آڏو پيش ڪجي ٿي:



شهدادڪوٽ شهر جي موچي محلہ جي رهواسڻ انور خاتون هڪ غريب گهراڻي سان تعلق رکي ٿي، هن جو مڙس بي روزگار آهي، انور خاتون سگهڙ ۽ گهريلو هجڻ سان گڏ سلائيءَ پرت جو ڪم ڪندي آهي. مهانگائي سبب انور خاتون جون گهرو حالتون بهتر نہ هئڻ ڪري سندن ڏينهن رات پريشانين ۾ گذري رهيو هو. هڪ ڏينهن سرسو ٽيم جو نمائندو موچي محلہ ۾ پهتو ۽ پاڙي جي هنري ترقياتي پروگرام بابت ٻڌايو. انهيءَ پروگرام جي سُڌ انور خاتون کي بہ پئي، پوءِ انور خاتون پنهنجي پاڙي وارين عورتن سان صلاح مشورو ڪري هڪ گروپ

14

ٿهڻ ڪانپوءِ انور خاتون شهدادڪوٽ آفيس اطلاع ڪيو تہ اسان عورتن گروپ ٺاهيو آهي ۽ اسان جي گروپ کي قرض جي ضرورت آهي، توهان اچو ۽ اچي ڪري پنهنجي ضروري ڪارروائي پوري ڪري اسان کي قرض جي رقم ڏيو تہ جيئن اسين ڪو ڪاروبار شروع ڪري سگهون. بعد ۾ سرسو جي ڪريڊٽ آفيسر "ڪومل" گروپ ۾ شامل انور خاتون جي قرض جو فارم ڀريو جنهن بعد انور خاتون کي 12000/= هزار روپيہ جو چيڪ ڏنو ويو. انور خاتون انهيءَ قرض مان هڪ سلائي مشين ورتي آهي. هن وقت انور خاتون پنهنجي پاڙي وارين عورتن جا ڪپڙا سلائي ڪري ٿي ۽ هر روز سندس آمدني ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. انور خاتون کي سلائي سان گڏوگڏ ڀرت جي ڪم ۾ پڻ مهارت حاصل آهي انهيءَ ڪري پاڙي جون عورتون هن وٽ سلائي سکڻ پڻ اينديون آهن.

انور خاتون سرسو اداري جو شڪريو ادا ڪندي چيو تہ پهريان اسان بہ سرسو جي باري ۾ ٻڌنديون هُيون سين تہ هڪ ادارو آهي جيڪو غريبن جي مدد ڪري ٿو، پر بيشڪ اڄ مون خود آزمايو آهي واقعي سرسو غريب عورتن جي سهائتا ڪري انهن کي محتاجي واري زندگي کان بچائي ٿو ۽ پنهنجي پيرن تي بيهارڻ جو ڪردار ادا ڪري ٿو.



5

# ڪاميابيءَ جي جيون ڪٿا

الحمدالله مان انهن خوش نصيب عورتن مان آهيان، جن جو قسمت ساٿ ڏيندي آهي. اڄ مان جنهن مقام تي آهيان پنهنجي ماءُ ۽ پنهنجي استادن جي دعا سان آهيان. هن ڪاميابيءَ جي پٺيان هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي، جيڪا آءُ اوهان سيني کي ٻڌائيندي خوشي محسوس ڪنديس.

هڪ ڀيري "سرسو" وارا اسان جي ڳوٺ منڊو ديرو، يونين ڪائونسل علي واهڻ تعلقه روهڙي ۾ آيا. هيءَ ڳالهه آهي سال 2005ع جي، ان وقت مان ڳوٺ ۾ سلائيءَ جو ڪم ڪندي هُيس. منهنجي پَر واري گهر ۾ "سرسو" جي ٽيم آئي هُئي، پاڙي وارن مونکي به گهرايو مان ٻارن کي چيو: "بابا مون کي ڪم آهي مان نه ٿي اچان" ۽ ان وقت "سرسو" جي ٽيم ۾ رابعه رند سوشل آرگنائيزر هئي. پوءِ رابعه اسان جي گهر آئي ۽ مون سان ڳالهه ٻولهه ڪيائين. رابعه سان منهنجي هڪ ئي ڳالهه ته "ادي مان ڪم واري آهيان" گهر جو سڄو چرخو منهنجي ڪُلهن تي آهي. پر رابعه جي موبلائيزيشن ۽ اسرار تي مان تنظيم جي مئنيجر ٿيس. ٻن مهينن کانپوءِ "سرسو" طرفان پولي ٽيڪنيڪل ڪالج سکر ۾ مونکي سلائيءَ جي تربيت ڏياري وئي. زندگيءَ جي هن سفر ۾ جيڪي به مشڪلاتون ۽ پريشانيون آيون اهي به منهنجي ڪاميابي جو حصو آهن. جنهن وقت به "سرسو" جي گاڏي مونکي گهران کڻڻ ايندي هئي ته منهنجي باري ۾ ڳوٺ وارن جا ۽ منهنجي ساهُرن جا خيال ڪجهه صحيح نه هئا. ۽ چوڻ لڳا ته شاهده هڪ آزاد ۽ مڙس جي پرواهه نه ڪرڻ واري عورت آهي، ان ڳالهه جي جڏهن مونکي خبر پئي ته مان ڏاڍي رُنسِ. پر پوءِ منهنجي مڙس دلجاءِ ڏيندي مونکي چيو: "الله جي بندي جنهن ڏينهن مان توکي چوان ته پوءِ روئجان." منهنجي مڙس منهنجو حوصلو وڌايو. پوءِ اسين ٻنهي ويهي صلاح مشورو ڪيو ته اسانکي پنهنجي ٻارن جي مستقبل جي باري ۾ سوچڻو آهي. ماڻهن کي ڳالهين ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪوئي ڪم ئي نه هوندو آهي. "سرسو" طرفان قرض جي آڇَ ٿي.



پوءِ مان پهريون ڀيرو قرض وٺي گهر ۾ سلائيءَ جو سينٽر ڪوليو. ان ڪانپوءِ ڳوٺ وارن جي سوچ ۾ تبديلي آئي ۽ منهنجي گهر ۾ به خوشحالي قدم رکيو. ائين هڪ سال جو عرصو گذري ويو. 2006ع ۾ ميڊم مهتاب "سرسو" ۾ آئي. ميڊم کي پنهنجي سيڪٽر "انٽرپرائيز" جي ڪم لاءِ هيلپر جي ضرورت هئي. ميڊم مهتاب مونکي ۽ علي واهڻ جي ادي حسينا کي چيو: "ادي انٽرپرائيز سيڪٽر جو ڪجهه ڪم ڪرڻو آهي. پر اوهانکي سکر آفيس ۾ اچي ڪري ڪم ڪرڻو پوندو." اسين صلاح مشوري ڪانپوءِ ها ڪئي سين. جڏهن ميڊم مهتاب سان گڏ ڪم ڪيو ته منهنجو عقل دنگ رهجي ويو ۽ سوچيم ميڊم وٽ ته هنر جو خزانو آهي. ان وقت مون پنهنجو پاڻ کي خوش نصيب عورت محسوس ڪيو، ڇوته مونکي نوان ۽ منفرد ڪم سکڻ جا بهترين موقعا مليا. مان ائين سمجهيو ته هي منهنجي تربيت آهي ۽ پوءِ اسان 20 ڏينهن ميڊم سان گڏجي ڪم ڪيو. انهيءَ دوران مونکي 200 روپيه روزانه اجرت به ملندي هئي. ميڊم مهتاب کي منهنجو ڪم وڻيو ۽ پوءِ مونکي گهر به آرڊر ملڻ لڳا. موٽن (ڪانن مان ٺهيل ڪرسين کي وڌيڪ بهتر ۽ اپگريڊ ڪرڻ لاءِ ميڊم رخسانه رياض علي مان وٽ آرڊر ڪٺي اينديون هُيون. وقت کي ته ڪوئي نه ٿو روڪي سگهي. هڪ ٻيو سال به گذري ويو 2007ع ۾ ميڊم مهتاب ۽ ميڊم ثمينه جي نگرانيءَ ۾ "ماسٽر ٽرينر" جي تربيت ٿي، جنهن ۾ مان به شامل هُيس. تربيت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ مان "سرسو" انٽرپرائيز سيڪٽر ۾ "روزاني اجرت" تي ڪم ڪندي رهيس. هڪ ڏينهن مون ميڊم مهتاب کي چيو ته جيڪڏهن اوهان مونکي "سرسو" ۾ ملازم ڪري رکو ته اهو منهنجي ۽ منهنجي گهر وارن لاءِ نه صرف صحيح رهندو پر اها منهنجي لاءِ پڻ هڪ اعزاز جي ڳالهه ٿيندي. جنهن تي ميڊم چيو: "شاهده تنهنجي تعليم ايتري نه آهي ۽ تون ڪمپيوٽر به سکيل نه آهين.



ان ڪري تون محنت ڪري اڳتي پڙهه." بس ميڊم مهتاب جا اهي لفظ منهنجي ذهن ۾ گهر ڪري ويا ۽ مان پنهنجي محنت جاري رکي ۽ پوءِ هڪ ڏينهن ميڊم خالده ميراڻي ۽ ميڊم ثمينہ شيخ اسان جي ڳوٺ آيون ۽ مونکي اچي چيائون تہ شاهده هن وقت تائين تہ توهان کوڙ ساريون تربيتون حاصل ڪيون آهن. پر هاڻي اوهان جي واري تربيتن ڏيڻ جي آهي. ڇا تون سلائيءَ جي سکيا ڏيڻ لاءِ تيار آهين؟ مون وراڻيون تہ ان کان وڌيڪ مون لاءِ خوشيءَ جي ڪا ٻي ڳالهہ ٿيندي. تنهن کانپوءِ مون "سرسو" صالح پٽ يونٽ آفيس ۾ عورتن جي هڪ گروپ کي سلائيءَ جي تربيت ڏني. هي جون 2009ع جي ڳالهہ آهي. تربيت (سکيا) هڪ مهيني جي هُئي 20 ڏينهن گذريا تہ ميڊم ثمينہ جي فون آئي، چيائين شاهده تون تياري ڪر توکي اسان انڊيا "صبا پاڪستان" جي طرفان ٽريننگ لاءِ موڪليندا سين، منهنجي خوشيءَ جي انتها نہ هئي پر وري جڏهن گهر ۽ ٻارن جو سوچيان پئي تہ پريشان پئي ٿيان. نيٺ دل ٻڌي گهر واري سان ڳالهہ ڪئي. پوءِ منهنجي امڙ مونکي دعا ڪندي چيو: "ڌيءَ تون پريشان نہ ٿي مان ٻارڙن کي سنڀاليندي س."

امڙ جي دلجاءِ مونکي ٻہ حوصلو ڏنو پوءِ ائين مان جولاءِ 2009ع تي انڊيا "صبا پاڪستان" جي ٽيم سان گڏجي ويم. پهريون ڀيرو جهاز ۾ ويٺس تہ خوشيءَ منجهان اکين مان لڙڪ لڙي آيا ۽ پنهنجي رب پاڪ جو شڪرانو ادا ڪيو. هي ٽريننگ منهنجي ڪاميابيءَ جي ڄڻ تہ ڪا ڪنجي ثابت ٿي. 13 آگسٽ 2009ع تي اسان واپس پاڪستان آياسين. ان کانپوءِ ميڊم مهتاب منهنجي محنت ڏسي مونکي چيو تہ شاهده توکي اسان پنهنجي سيڪٽر ۾ ريسورس پرسن طور رکون ٿا. ائين 2009ع جو سال منهنجو خوشنصيب سال ثابت ٿيو. پهرين ڊسمبر 2009ع ۾ مان اداري ۾ "ماسٽر ٽرينر" طور شامل ٿيس.



2010 ۾ مان "صبا پاڪستان" جي بورڊ جي ميمبر به ٿيس ۽ ان سان گڏ مان پنهنجي تعليم ڪي به جاري رکيو. هن سال 2011ع ۾ مان نائين ڪلاس جا پيپر ڏنا آهن ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته مان آفيس ۾ ڪمپيوٽر جا به ڪلاس وٺي رهي آهيان ۽ پنهنجو پاڻ کي دنيا جي جدت سان پڻ همڪنار ڪري رهي آهيان. مان اوهان کي ٻڌائي نه ٿي سگهان ته مان ڪيڏي نه خوش نصيب آهيان جو منهنجي رب مونکي منهنجي محنت جو ڦل ان صورت ۾ ڏنو جو اڄ منهنجيون نياڻيون هاڻ اسڪول ۾ پڙهن پيون ۽ منهنجي گهر جون حالتون پڻ تمام گهڻيون بهتر ٿي ويون آهن. محنت، سچائي، لگن ۽ خلوص سان جي ڪنهن ڪٺي جيئڻ جي تمنا آهي ۽ مستقل مزاجي سان انسان بنا ڪنهن ٿڪاوٽ ۽ ٽٽڻ جي ڪنهن "مقصد سان چهٽيو" پيو آهي ته پوءِ اهو ڏينهن پري ناهي هوندو جڏهن ڪاميابي ان انسان جا قدم چمندي آهي. اڄ مان پنهنجي محنت ۽ پنهنجي گهر وارن جي سهڪار ۽ خاص ڪري پنهنجي مڙس جي پيار، خلوص ۽ ساٿ جي ڪري ني هڪ خوشحال زندگي گذاري رهي آهيان.





# 6

## ڦڙي ڦڙي آبپاشي واري مدد ذريعي آمدني ۾ اضافو

پاڻي زندگي آهي، هن ڪائنات ۾ جيڪڏهن ساهوارن جو وجود سلامت آهي ته ان جو سڀ کان اول ۽ بنيادي سبب پاڻي ئي آهي جنهن کان سوا ڪو به ساهه وارو وڏي ويجهي نه ٿو سگهي. زراعت هڪ اهڙي ڪِرت آهي جنهن سان نه صرف هڪ انسان جي بکايل پيٽ جي باهه اجهائي سگهجي ٿي پر هر اگهاڙي انگ کي پڻ ڍڪي ٿي. بدانتظامي چئجي يا انسانن جي من ماني ۽ خود غرضي، پر اها هڪ حقيقت آهي ته دنيا ۾ کاڌ خوراڪ جي اڻاٺ تيزيءَ سان وڌندي رهي ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ پاڻي جو بي جا استعمال ۽ پاڻي جي آلودگي پڻ هڪ تمام وڏو اهم مسئلو بڻجي پيو آهي ۽ ان جو نتيجو پاڻي جي سخت قلت جي صورت اختيار ڪندو پيو وڃي. دنيا اندر شدت سان وڌندڙ انهن مسئلن کي منهن ڏيڻ ايترو آسان نه آهي ۽ نه ئي وري ناممڪن، چو ته جي عزم پڪا آهن ته پوءِ ڏونگر به ڏريو پون. اهڙين پريشانين کي منهن ڏيڻ لاءِ ڦڙي ڦڙي آبپاشيءَ واريون ڪٽس، گهرن جي اڱڻ ۽ ڪچن گارڊننگ لاءِ حيرت انگيز ڪم ڪن ٿيون. هي ٽيڪنالاجي 1868 ۾ افغانستان ۾ وجود ۾ آئي جتان پوءِ آمريڪا ۽ يورپ ۾ شهرت ماڻيائين.



سرسو پڻ دنيا جي اهڙن آزمودن ۽ لاڀائتن طريقن کي سنڌ اندر ۽ خاص ڪري ٻهراڙين اندر استعمال ۾ آڻڻ لاءِ هميشہ ڪوشان رهي آهي ۽ سرسو جي موبلائيزيشن ٽيم ڪي وقت بہ وقت اهڙين صلاحيتن سان سلهاڙڻ لاءِ مختلف تربيتن جو پڻ بندوبست ڪيو ويندو آهي. غريب ماڻهو تہ ڪاٿي ۾ ئي ناهي پر هيڏي وڏي مهانگائيءَ جي دور ۾ هڪ وچين ڪلاس جي ماڻهو لاءِ بہ عيد براد ۽ شادي وغيره جي تقريبن لاءِ ڪپڙا وٺڻ ۽ تعليم ۽ صحت جون ضرورتون پوريون ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ پر ٽي ويلا ماني کائڻ بہ وڏو مسئلو آهي. هيءَ ڪيس اسٽڊي پڻ هڪ اهڙي ئي پيش قدمي ڏانهن اشارو ڪري ٿي جنهن سان سنڌ اندر ماڻهن جي طرزِ زندگي ۾ خاطر خواهہ تبديليون رونما ٿين ٿيون:

صفوران زال باغ علي ينيرو ويٺل ڳوٺ بچل ينيرو، ديهہ ڪوئي ڪنيڙو تعلقو صالح پٽ ۽ ضلع سکر سان تعلق رکي ٿي. صفوران جو مڙس باغ علي مزدوري ڪندو آهي جنهن مان سندن گهر جو ڏکيو سکيو گذران پيو ٿيندو آهي. ڳوٺن جا گهر پوءِ چاهي اهي ڪکاوان هجن يا پڪا يا ڪچا وڏا ۽ ڪشادا ٿين ٿا ۽ اڱڻ پڻ ڪليل هوندا آهن. هڪ ڏينهن مان پنهنجي ساهيڙي شاهده زال غلام جعفر ڪوٽ سرائيڪو ۾ شادي جي ڪاڄ ۾ ڪانديل هيس. اتي شاهده جي گهر جي اڱڻ ۾ بهترين ۽ تازيون ڀاڄيون ڏٺم، منهنجي دل هرڪي، پڇا ڳاڇا ڪيم تہ ٻڌايائين تہ سرسو وارن طرفان بي زمين هارين واري اسڪيم تحت مون کي مائڪرو ڊرپ جو يونٽ مليو، مون کي اڱڻ ۾ هٽي بہ ڏنائون جنهن ۾ ٻج ۽ پاڻ بہ هو.



مان ٻہ ڪيس چيم تہ مون کي ٻہ اهڙي مڏي هٿائي ڏي تہ مهرباني ٿيندي. شاهده منهنجي مدد ڪئي ۽ هن سرسو جي سليم چنہ سان ڳالهايو جن منهنجي گهر اڇي گهر جو اڳڻ ڏٺائون گهرَ تہ اسان جا هونئن ئي وڏا ۽ ڪشادا آهن, پوءِ سرسو وارن مونکي ٻہ گهر اندر مڏي هٿي ڏني, هينئر مان ڏاڍو خوش آهيان. مون وٽ پنهنجي گهر جي کائڻ لاءِ هر وقت تازيون ڀاڄيون موجود آهن. انهيءَ کان علاوه مان هر مهيني واڌارو ڀاڄيون کي وڪڻي 1000_1200 روپيہ ڪمائي ٻہ وٺندي آهيان. گهر اندر انهيءَ ڪم ڪرڻ جي ڪري مان هر مهيني ڀاڄين تي ٿيندڙ خرچ ٻہ بچايان ٿي جيڪو لڳ ڀڳ ماهوار4000 کان 5000 روپيہ هو ۽ جيڪڏهن ان حساب سان ڏسجي تہ هاڻ اسان مجموعي طور 6000 روپيہ ماهوار بچت ڪيون ٿا ۽ هينئر اسانکي ڪنهن جي اڳيان هٿ ٻہ ڪو نہ ٿو ٽنگڻو پوي. منهنجو واندڪائيءَ وارو وقت ول, طوري ۽ ڀاڄين جي سار سنڀار ۾ صرف ٿيو وڃي, مطلب وندر جي وندر ۽ آمدني جي آمدني. مزي جي ڳالھہ تہ اها جو اوڙي پاڙي وارا هاڻ منهنجا محتاج آهن. ڦڙي ڦڙي آبپاشي واري مڏي منهنجي غربت گهٽائڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي آهي ۽ پهريان غربت ڏاڍي هوندي هُئي ۽ جڏهن غربت هوندي آهي تہ پوءِ هن ڏمر جي دور ۾ پنهنجا ٻہ پراوا ٿي ويندا آهن. هاڻ خدا جو شڪر آهي. ٿورڙي محنت ڪرڻ سان گهر ۾ ۽ اوڙي پاڙي ۾ وڏي عزت آهي.



7

# ساپيان ٿيندڙ خواب

رشيده ڳوٺ حميد آباد يونين ڪائونسل وڏا ماڇيون ضلع خيرپور جي رهواسڻ آهي. هيءُ ڳوٺ سرسو ڊسٽرڪٽ آفيس خيرپور کان 10 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اولهه طرف واقع آهي. پنجن ٻارن جي ماءُ رشيده پنهنجي مڙس جي محنت مزدوري واري ڪمائي مان سڄي گهر جو گذرسفر ڪندي آهي ۽ ڏکيو سُکيو پنهنجي ٻچڙن جو پيٽ پَئي پاليندي آهي. سرسو جي وسيع سهڪار سان خصوصي منصوبا سازي تحت "يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام" جي نالي سان شروع ڪئي ته رشيده به انهيءَ جو فائدو حاصل ڪرڻ جو سوچيو. غربت جي درجه بندي واري نتيجي ۾ هن جو پاورٽي اسڪور ڪارڊ 11 بيٺو. ان مان صاف ظاهر ٿيو ته رشيده جو گهراڻو هڪ غريب ترين گهراڻو آهي. غربت جي چنبي مان آجو ڪرائڻ ۽ آمدني وڌائڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ واسطي رشيده کي تنظيمي جاڳرتا جي عمل سان منسلڪ ڪيو ويو.

انهيءَ سلسلي ۾ رشيده ڳوٺاڻي ترقياتي تنظيم "شگفته" ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ تنظيم جي پليٽ فارم تان =/12000 هزار روپيه قرض (CIF) طور ورتا. جنهن مان هن ٻڪريون ورتيون. رشيده انهن ٻڪرين جي اوسر ۾ لڳي وئي، جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن هن جي ٻڪرين ۾ اضافو پڻ ٿيندو رهيو. ڪجهه عرصي کانپوءِ رشيده هڪ ٻڪري وڪڻي قرض جي رقم جمع ڪرائي ڇڏي. رشيده وٽ هاڻ ٻه ٻڪريون بچت ۾ آهن. رشيده جو چوڻ آهي ته: "پهريان کير جي ڏاڍي تڪليف هوندي هئي، غربت سبب ٻاهران کير به نه وٺي سگهندي هيس. هاڻ منهنجي گهر جو گذرسفر انهن ٻڪرين جي کير تي آهي.



رشيده جو چوڻ آهي ته بچت ۾ آيل ٻڪرين ڪانپوءِ اسان جي گهريلو آمدني ۾ اضافو ٿيو آهي. پهريان گذر سفر تمام گهڻو ڏکيو ٿيندو هو، ننڍن ٻچن کي هڪ ويلو به مشڪل سان کارائي سگهندا هياسين. جهڙوڪر روز مرندا ۽ روز جيئندا هئاسين، جڏهن ڏکيو وقت ماڻهن جي مٿان ايندو آهي ته پنهنجا به پراوا ٿي ويندا آهن. پر جيڪڏهن همٿ هجي ۽ ماڻهو سچي لڳن سان پير ڪوڙي زندگي جي هيٺاهين ۽ مٿاهين جو مقابلو ڪري ته پوءِ هو پنهنجي دنيا جوڙي سگهي ٿو."

رشيده هاڻ پنهنجن ٻارن کي پڙهائڻ جو پڻ ارادو رکي ٿي سندس چوڻ آهي ته: "اڳ اهڙيون حالتون نه هيون جو ٻارن کي پڙهايان ها پر هاڻ سرسو جي اداري جي مهرباني سان اهو ممڪن ٿيو آهي جو اسان پنهنجي پيرن تي بيٺا آهيون ۽ ايترو ڪمائي رهيا آهيون جو هاڻ پنهنجن ٻارن کي آسانيءَ سان تعليم ڏياري سگهون ٿا. منهنجو ارادو آهي ته مان اڳتي هلي اداري کان وڌيڪ قرض (CIF) وٺي هڪ مينهن وٺان ته جيئن وڌ ۾ وڌ کير وڪرو ڪري پنهنجي گهر جي آمدني ۾ اضافو ڪري سگهان ۽ ٻارن جي بهتر مستقبل لاءِ پنهنجي گهر واري سان ملي وڌيڪ بهتر منصوبا بندي ڪريان. رشيده بلاشڪ معاشي طور تي پنتي پيل هڪ گهراڻي جي ڪمزور عورت چو نه هجي پر هن جا ارادا مضبوط ۽ خواب هر ذي شعور ماڻهوءَ لاءِ تمام گهڻا اتساهيندڙ آهن.



8

# ڏيئي مثل

انساني سماج کي ترقيءَ لاءِ بجا طور صحتمند، باشعور ۽ جفاڪش انسانن جي ضرورت هوندي آهي ۽ اهو ارتقائي عمل ئي انسان ذات جي بقا جو واحد وسيلو آهي. انساني سماج کي هر قسم جي ترقيءَ لاءِ انساني سگهه جي ضرورت هوندي آهي، اهو انسان ئي آهي جيڪو هن جهان جي چرخي کي هلائي ٿو. ان اپائڻ کان وٺي ڪارخانن هلائڻ تائين، اهو حضرتِ انسان ئي آهي جيڪو اها سگهه رکي ٿو ته هو پنهنجي جوڙيل هڪ منظم نظام تحت حڪم ڏئي ٿو، هدايتون جاري ڪري ٿو ۽ انساني ضرورتن لاءِ گهربل بنيادي پيداواري جزن کان علاوه سماجي، معاشي، ثقافتي، علمي، ادبي ۽ جيون سان پرپور هر سرگرمي ڪري ٿو ۽ اهڙي قسم جو انساني وهنوار ئي انساني سماج جي زنده ۽ جاويد هجڻ جو بنيادي سبب آهي. انساني وسيلن جي ترقيءَ جي دائري ۾ ڪيترائي شعبا اچي وڃن ٿا جهڙوڪ: تعليم، صحت، خوراڪ، معاشي ۽ سماجي ترقي وغيره. ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته جيڪڏهن انساني سماج جي انهن بنيادي ضرورتن مان ڪنهن به هڪ ضرورت کي پورو نه ڪيو ويو ته پوءِ انساني سماج جو جوڙيل سمورو ڍانچو ڀڃ اچي پوندو.

جون ٿا ته اسان جي ملڪ ۾ هر سال 35 هزار کان مٿي مائرون پنهنجي ڪُک مان هن سماج لاءِ نئين زندگي کي جنم ڏيندي پنهنجي قيمتي زندگيءَ جو بليدان ڏين ٿيون. اهڙي موت جو شڪار خاص ڪري ٻهراڙين جون عورتون ٿين ٿيون ۽ ان جو هڪڙو مُک سبب تربيت يافته دائين جو نه هجڻ آهي. سرسو پنهنجي وجود جي پهرين ڏينهن کان وٺي سنڌ جي ٻهراڙين جي مختلف مسئلن سان مُڪا ميل ٿيندي پئي اچي ۽ خاص ڪري سنڌ جي ٻهراڙين ۾ موجود عورتن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جوڳا قدم ۽ اپاءَ پڻ وٺي پئي. ٻهراڙين اندر ويم دوران عورتن جي



فوتگيءَ جي اهڙي اهم مسئلي تي سرسو دائپي جي تربيت جو هڪ خاص سلسلو شروع ڪيو ۽ ان ڏس ۾ پنهنجي COs/VOs/LSOs سان رابطي ۾ رهي اهڙين عورتن جي ڳولا ڪئي جن دائپي جي تربيت پئي وٺڻ چاهي يا جيڪي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان ان پيشي سان وابسطه هيون. اهڙي قسم جي تربيت سان ٻهراڙين جي عورتن کي مختلف فائدا ٿيئا هئا جن جو شايد ڪو ملهه نٿي ناهي جهڙوڪ:

- ✓ هڪ ته تربيت وٺندڙ عورت ان لائق بڻجي پوندي جو هوءَ پنهنجي گهر جي ڪمائيندڙ سان گڏ پنهنجي گهريلو آمدني ۾ خاطر خواهه اضافو ڪري سگهندي
- ✓ ڪنهن ٻه ايمرجنسي جي صورتحال ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ دائي موجود نه آهي ته اها نه صرف پنهنجي ڳوٺ پر پنهنجي آس پاس جي آبادي لاءِ پڻ ڪارگر ثابت ٿيندي
- ✓ تربيت يافته دائي سواءِ ڪنهن ايمرجنسي صورتحال جي آرام سان ۽ مڪمل احتياطي تدبيرن کي اختيار ڪندي ويم وارو مرحلو آسانيءَ سان پورو ڪري سگهي ٿي جنهن سان ويم واري عورت ۽ پيدا ٿيندڙ ٻار ڪيترن ئي مسئلن جي چپيٽ ۾ اچڻ کان بچي سگهي ٿو
- ✓ تربيت يافته دائي ٻار ڄمڻ کان اڳ ۽ پوءِ ويم واري عورت کي مسلسل رهنمائي مهيا ڪندي نه صرف احتياطي تدبيرن کان آگاهه ڪري سگهي ٿي پر ان کي احتياطي تدبيرن کان علاوه کاڌ خوراڪ جي حوالي سان پڻ بهترين صلاحون ڏئي سگهي ٿي، جنهن سان ٻار ۽ ماءُ جي زندگي بهتر رهندي

سنڌ جي ٻهراڙين جي عورتن سان وابسطه انهيءَ اهم مسئلي جي حوالي سان هي هڪ ڪيس اسٽڊي آهي جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سرسو جي اهڙين پيش قدمين جي ڪري سنڌ جي ٻهراڙين ۽ دور دراز علائقن جي ماڻهن کي ڪيئن گهڻ طرفا فائدا پهتا آهن:

هي ڪهاڻي الهڏني زال محمد بچل سولنگي جي آهي، جيڪا ڳوٺ حميد آباد يونين ڪائونسل وڏا ماڇيون ضلع خيرپور جي رهندڙ آهي.



هي ڳوٺ سرسو ڊسٽرڪٽ آفيس کان 10 ڪلوميٽر پري اولهه طرف آهي. 50 سالا الهڏني هڪ غريب گهراڻي سان تعلق رکي ٿي. ڇهن ٻارن جي هيءَ ماءُ پنهنجي گهر جو گذرسفر مڙس جي مزدوري مان هلائيندي هئي. الهڏني جو مڙس ٻني ٻاري کان علاوه ۾ روزاني مزدوري ڪندو آهي. ڪڏهن مزدوري مليس ته گهر جي چُلهه ٻرندي نه ته ست ئي خير معنيٰ آٺين ۾ چاڙهين، ڏٺ ڏهاڙي سومرا. سو ائين چئي سگهجي ٿو ته الهڏني جي گهر ۾ زندگيءَ جو چرخو ڏکيائي سان هلين پيو.

سرسو ۾ حڪومت سنڌ طرفان شروع ڪيل "يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام" جي پليٽ فارم تان الهڏني کي اهو موقعو ميسر ٿيو جو هوءَ دائپي جي تربيت حاصل ڪري سگهي. غربت ڪارڊ جي سروري تحت الهڏني جي گهر جو شمار غريب ترين گهراڻي جي عورتن ۾ هو ۽ جڏهن "يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام" تحت سندس ڳوٺ ۾ تنظيمي بنياد وڌو ويو ته ان وقت الهڏني تنظيمي عمل ۾ پروگرام جي مُک مقصد "غربت گهٽايو" جهڙين غريب دوست سرگرمين جو حصو بڻي. سندس ڳوٺاڻي ترقياتي تنظيم نالي "اظهر" طرفان کيس "دائپي" (TBA) جي تربيت ڏياري وئي. انهيءَ حوالي سان جهن الهڏني سان ڳالهه ٻولهه ٿي ته هن جو چوڻ هو ته: "اسان جي ڳوٺ ۾ دايون ته هيون جيڪي نسل در نسل دائپي جو ڪم ڪنديون پئي آيون پر انهن کي زچگي ۽ ٻچگي جي جديد طريقن ۽ احتياطي تدبيرن جي ڪا ڄاڻ حاصل نه هئي ۽ ڪين ان ڳالهه جي ته بنهه خبر نه هئي ته ويم دوران ٻار ۽ ماءُ جي صفائي جو خيال ڪيئن رکجي، ويم واري عورت کي گهر يا اسپتال ۾ ڪيئن ويم ڪرائجي ۽ ڪهڙا احتياطي قدم کڻڻ گهرجن وغيره وغيره. ان کان علاوه غير تربيت يافته داين جي هٿان ته ڪڏهن ڪڏهن ويم واري عورت جو ڪيس خراب ٿيندو هو ته پوءِ اهو ئي چئي چپ ڪري ويهبو هو ته: "پنهنجي هٿ جي وڍي، مرهم نه پٽي".

سرسو طرفان "دائپي" (TBA) جي تربيت ڪانپوءِ هاڻ مونکي



مڪمل ڄاڻ ملي وئي آهي ته ڪنهن به عورت جي زندگيءَ جو اهو اهم ترين مسئلو ڪيئن ۽ ڪهڙي احسن طريقي سان حل ڪجي. سو اڄ مونکي فخر آهي ته مان ٻار ۽ ماءُ جي زندگي جي رکوالي ڪرڻ جي حوالي سان هڪ ذميدار دائيءَ جي حيثيت سان پنهنجا فرض سرانجام ڏيان ٿي ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ آهسته آهسته منهنجي گهريلو آمدني ۾ پڻ اضافو ٿي رهيو آهي، جنهن جي ڪري مان پنهنجي گهرواري سان گڏجي گهر جا مسئلا حل ڪرڻ جي لائق بڻي آهيان."

الهڏني اهو پڻ چيو ته: "اهڙي تربيت جا موقعا هر ڳوٺ مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ غريب عورت کي ضرور ملڻ گهرجن. بهتر سکيا، سمجهه ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ کانپوءِ اسان جهڙين غريب عورتن کي سوائي ڪنهن انتهائي ايمرجنسي جي ويم لاءِ اسپتالن جو منهن نه ڏسڻو پوندو. هن تربيت کانپوءِ نه صرف منهنجي آمدني ۾ اضافو ٿيو آهي پر جيڪا عزت ملي آهي تنهن جو ڪو ملهه ئي ناهي. هاڻ ڳوٺ وارا مون کي امان دائي ڪري سڏين ٿا سچ پڇو ته ان نئين نالي سان دل ڏاڍي خوش ٿيندي آهي. اهو سڀ سرسو وارن جي مهرباني سان ئي ممڪن ٿيو آهي."

هاڻ الهڏني پنهنجي ڳوٺ ۽ ٻيا وارن ڳوٺن ۾ ويم ڪرائيندي آهي ۽ مهيني ۾ لڳ ڀڳ 5000 هزار روپين تائين ڪمائيندي آهي. اهو سمورو عمل پنهنجي بلبوطي ۽ پاڻ ڀرائپ جو اهڙو فلسفو آهي جيڪو هڪ عام انسان جي زندگي کي نه صرف خاص بڻائي ٿو پر انهن جي سماجي ۽ معاشي مسئلن کي پڻ احسن طريقي سان حل ڪري ٿو.





# 9

## نيٺ سوجهرو ٿيو

تنظيم سازي هڪ اهڙي مالها آهي، جنهن ۾ مڙهجڻ سان هر مڻيو موتي جهڙو ڏيک ڏئي ٿو ۽ تنظيم هر هڪ فرد کي پاڻ جي قطري جيان انساني سماج جي جوڙيل وهنوار واري سمنڊ سان ملائي ٿي جنهن جي ڇولين ۾ جيون جوئن جيان پلجي ۽ نپجي ٿو. اسان سرسو جي دوستن جي رهنمائي ۾ ساڻن رلجي هڪ تنظيم رجسٽر ڪرائي جنهن جو نالو "محمدي سوشل ويلفيئر مشينري پول گروپ" رکيوسين. اسان جي تنظيم جو صدر محمد چاڪر مگريو آهي ۽ جنرل سيڪريٽري خدا بخش شنباڻي آهي جيڪو تنظيم جو سمورو حساب ڪتاب رکي ٿو ۽ ريڪارڊ پڻ سنڀالي ٿو. اسانجي تنظيم ڳوٺ "حجامڪي" يونين ڪائونسل سنگرار ۾ هڪ ماڊل تنظيم طور ڪم ڪري رهي آهي.

اسان ان ڳالهه کان بنهه اڻ واقف هئاسين ته تنظيم جي اهميت ڇا آهي ۽ تنظيم جي حڪمت عملين تحت گڏجي ڪم ڪري ڪيئن ڪاميابيون حاصل ڪري هڪ بهتر زندگي گذارڻ ڏانهن وکون کڻي سگهجن ٿيون. هارپو اسان جي گذرسفر جو بنيادي ذريعو آهي.





زمين کيڙي ان ۾ ٻج ڀاڻ ۽ دوائون وجھڻ لاءِ اسان کي آڙهيتن جا چڪر ڪاٽڻا پوندا هئا ۽ آڙهتي ڳري وياج عيوض اسانجي سموري جنس قرض عيوض چڪائيندا هُئا. ڇھ مهينا زمين ۾ ڪم ڪرڻ عيوض هڪ روپيو ڏهاڙي بہ جهوليءَ ۾ بچت نہ بچندي هئي ۽ صرف ابترو ملندو هو جو بہ ويلا ماني ڪائي وري ڪنهن وهٽ جيان زندگي جي چڪيءَ ۾ پيسجندا رهون. الله ڀلو ڪري سرسو وارن جو جن لائوڊ اسپيڪر تي مسجدن ۾ اعلان ڪرايا تہ جيڪو بہ هاري، ناري آهي، اچي پنهنجو نالو لکرائي، فارم ڀرائي ۽ شناختي ڪارڊ جي ڪاپي جمع ڪرائي ۽ سهولتون حاصل ڪندي ٻج ۽ ڀاڻ مفت حاصل ڪري. اسين اٻوجھ ۽ سادا ڳوٺاڻا ماڻهو، ڊناسين پٽي تہ ڪٿي اسان جون زمينون نہ گروي رکرائين ۽ انهن تي قرض نہ حاصل ڪن. پوءِ سرسو جي ٽيم سان ڳالھ ٻولھ ٿي ۽ سرسو جي NRM سيڪٽر سان واڳيل ٽيم سماجي تحرڪ واري فلسفي تحت اسان سان ڪچهريون ڪري اسان کي تمام گهڻو سمجهايو ۽ قدم قدم تي اسان کي رهنمائي ۽ مدد مهيا ڪيائون ۽ پوءِ جڏهن اسان جي ذهنن جا سمورا وهم، وسوسا ۽ مونجهارا ختم ٿيا تہ پوءِ اسان بہ بنا ڪنهن دير جي الله توهار ڪري سرسو جي پروگرام ۾ شامل ٿياسين. اهو پروگرام خوراڪي فصلن ۾ خودڪفالت طرف هڪ قدم هيو، جنهن ۾ سرسو سان گڏ ايف.اي.او (FAO) بہ شامل هئي. اسان کي ربيع جي فصل لاءِ اٺن قسمن جي ڀاڄين جا ٻج، ڪڻڪ جو ٻج، ڪارو ڀاڻ ۽ يوريا مليو. ان سان گڏوگڏ زرعي ڄاڻ مهيا ڪندي اسان جي ذهني اوسر پڻ ڪئي وئي.

جڏهن خريف جي مند آئي تہ اسانکي اسانجي تنظيم جي پليٽ فارم تان فصل لاءِ ٻج ۽ ڀاڻ مليا. اسان جي تنظيم جي ڪارڪردگي ۽ ڪم ڪار کي جانچڻ لاءِ اسان وٽ مختلف ملڪن کان انگريز پڻ معائنو ڪرڻ آيا. ان ڳالھ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سرسو جي تنظيم سازي واري فلسفي اسان جي زندگي آسان بڻائي ڇڏي. تنظيم ئي اسانجي سمورين سرگرمين جو بنياد هئي ۽ ان جي پليٽ فارم تان ئي اسانکي واٽر ڪورس ٺهي مليا ۽ 11 قسمن جون مشينون پڻ مليون.



اسين سڀ تنظيم جا ميمبر ٿوري عرصي ۾ بچت، ٻڌي ۽ محنت ڪري خودڪفيل ٿي ويا آهيون. تنظيم جي پليٽ فارم تان اسين پنهنجا فيصلا گڏجي سڏجي پاڻ ٿا ڪيون. گڏيل طور پوکائي جون جنسون وڪرو ڪندي، ٻج ڀاڻ بہ گڏجي وٺون پيا. ٻڌي ۽ اتحاد جو سبق اسان کي سرسو وارن کان ئي مليو آهي.

تنظيم پاران هر هاري کي فصل لهڻ وقت هڪ مڻ بچت تنظيم وٽ جمع ڪرائڻ جو پابند ڪيوسين ۽ هاڻ ان بچت مان اسان ڳوٺ جي ضرورتن کي محسوس ڪندي اٽي پيهڻ جي چڪي لڳائي آهي.

۽ هڪ ٽريڪٽر ۽ ٻيا زرعي اوزار پڻ ورتا آهن. اسان سڀني ميمبرن ۽ غريب هارين کي هر کيڙڻ لاءِ سستي اگهه تي ٽريڪٽر ڏيندا آهيون ۽ بچت تنظيم جي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائيندا آهيون جنهن جو حساب ڪتاب باقائده رکيو ويندو آهي. زرعي پئداوار وڌائڻ لاءِ فارمر فيلڊ اسڪول آهي ۽ عورتن لاءِ وومين اوپن اسڪول پڻ آهن. يورپي يونين جي مالي معاونت سان 6 واٽر ڪورس پڪا ڪرائي ڏنا ويا آهن.

سرسو اسانجي ڳوٺ کي فرش بندي وارين اسڪيمن سان پڻ نوازيو آهي ۽ ان کان علاوه اسان ڳوٺ جي ٻين مسئلن کي پڻ حل ڪرڻ لاءِ رٿابندي ڪري رهيا آهيون. هن وقت ڪافي ادارا اسان جي ڪم کي ڏسي ويا آهن ۽ ايندا رهن ٿا. اسين هن پروگرام کي وڌائڻ جو پرپور عزم رکون ٿا ۽ اسان کي اميد آهي ته اسان جي محنت ۽ سرسو جي رهنمائي سان اسان پنهنجي زندگي جي هر مشڪل کي آسان بڻائي ڇڏينداسين. هينئر اسان مان ڪو به ماڻهو آڙتين جو غلام ناهي ۽ نه ئي اسان مان ڪنهن ماڻهو کي ڪو قرض کڻڻ جي ضرورت آهي. لک ٿورا سرسو جي NRM سيڪٽر جا ۽ ان پروگرام کي هلائڻ وارن جا جن جي رهنمائي سان اسان ان لائق بڻيا آهيون جو پنهنجي ڪنڊ ۾ پيل ڳڀ لاهي ڦٽي ڪيا آهن ۽ پنهنجي زندگي کي آسان بڻائڻ طرف تيزيءَ سان وکون کڻي رهيا آهيون.



## مانيٽرنگ اويليوئيشن ۽ ريسرچ يونٽ

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن، هيڊ آفيس سکر.
فون : 071-5633516 فيڪس: 071-5631791
www.srso.org.pk